# FEDERAL PUBLIC SERVICE COMMISSION
## COMPETITIVE EXAMINATION – 2025 FOR RECRUITMENT TO POSTS IN BS-17 UNDER THE FEDERAL GOVERNMENT

**Roll Number**

## SINDHI

| | |
|---|---|
| **TIME ALLOWED: THREE HOURS** | **(PART-I MCQs) MAXIMUM MARKS: 20** |
| **PART-I (MCQs) :MAXIMUM 30 MINUTES** | **(PART-II) MAXIMUM MARKS: 80** |

**NOTE: (i)** First attempt **PART-I (MCQs)** on separate **OMR Answer Sheet** which shall be taken back after **30 minutes.**
**(ii) Overwriting/cutting of the options/answers will not be given credit.**
**(iii)** There is **no negative** marking. All MCQs must be attempted.

## PART-I (MCQs)(COMPULSORY)

**Q.1. (i)** Select the best option/answer and fill in the appropriate Box ■ on the **OMR Answer Sheet. (20x1=20)**
**(ii)** Answers given anywhere else, other than OMR Answer Sheet, will not be considered.

1. **”گهڙولي“ صنف ڪنهن جي ايجاد آهي؟**
(A) عثمان فقير سانگي (B) سچل سرمست (C) اعجاز شاهه راشدي (D) انهن مان ڪوبه ناهي

2. **ناول ”اڪيلائيءَ جا هڪ سئو سال“ سنڌيءَ ۾ ڪنهن ترجمو ڪيو آهي؟**
(A) عبدالقادر جوڻيجو (B) ولي رام ولڀ (C) مراد علي مرزا (D) انهن مان ڪوبه ناهي

3. **سنڌيءَ ۾ اصلوڪي مختصر ڪهاڻي لکڻ جي ابتدا ڪهڙي سال کان ٿي؟**
(A) 1914ع (B) 1947ع (C) 1901ع (D) انهن مان ڪوبه ناهي

4. **ڪهڙي انگريز ڪمشنر جي حڪمن تحت سنڌي ٻوليءَ لاءِ صورتخطي مقرر ٿي؟**
(A) چارلس نيپيئر (B) رچرڊ برٽن (C) بارٽل فريئر (D) انهن مان ڪوبه ناهي

5. **شاهه لطيف نوريءَ جو ذڪر ڪهڙي سُر ۾ ڪيو آهي؟**
(A) سُر سارنگ (B) ڪنڀات (C) ساموندي (D) انهن مان ڪوبه ناهي

6. **”اياز جا سنگيت ناٽڪ“ ڪنهن مرتب ڪيا آهن ؟**
(A) ڊاڪٽر فياض لطيف (B) ڊاڪٽر اسحاق سميجو (C) ڊاڪٽر انور فگار هڪڙو (D) انهن مان ڪوبه ناهي

7. **”ميلي جي تنهائي“ ڪتاب ڪهڙي صنف تي مشتمل آهي؟**
(A) ناول (B) ڊرامو (C) شاعري (D) انهن مان ڪوبه ناهي

8. **استاد بخاريءَ جي ڪتاب”نه ڪم نبريو، نه غم نبريو“ ۾ ڇا آهي؟**
(A) گيت (B) آزاد نظم (C) ترائيل (D) انهن مان ڪوبه ناهي

9. **جلال ڪٽي ڪهڙي صنف جو شاعر آهي؟**
(A) سينگار شاعري (B) نعت (C) ڳنان (D) انهن مان ڪوبه ناهي

10. **”جنم ٻومي شمشان ٻومي“ ڪنهن جو ڪتاب آهي؟**
(A) امر جليل (B) ماهتاب محبوب (C) علي بابا (D) انهن مان ڪوبه ناهي

11. **آغا سليم جي ناول ”همه اوست“ ۾ ڪهڙي صوفي شاعر جو ڪردار مليل ٿو؟**
(A) ميون شاهه عنات رضوي (B) گرو نانڪ (C) شاهه لطيف (D) انهن مان ڪوبه ناهي

12. **سنڌي ادبي بورڊ جي”لوڪ ادب اسڪيم“ ڪنهن جي سربراهيءَ ۾ هلي؟**
(A) عثمان علي انصاري (B) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (C) محمد ابراهيم جويو (D) انهن مان ڪوبه ناهي

13. **علامه اقبال جي طرز تي سنڌي ٻوليءَ ۾ ”شڪوه“ ڪهڙي شاعر لکيو؟**
(A) حيدر بخش جتوئي (B) شيخ اياز (C) هوندراج دکايل (D) انهن مان ڪوبه ناهي

14. **طارق عالم جي ناول”رهجي ويل منظر“ ۾ ڪهڙي يونيورسٽيءَ جي ڪهاڻي آهي؟**
(A) ايل ايم سي (B) خيرپور يونيورسٽي (C) سنڌ يونيورسٽي (D) انهن مان ڪوبه ناهي

15. **”ڏوري ڏوري ڏيهه“ ڪتاب ۾ ڪهڙي صنف آهي؟**
(A) ڊراما (B) يادگيريون (C) جيون ڪهاڻي (D) انهن مان ڪوبه ناهي

16. **”مورو“ ڪهڙي علائقي جو لوڪ گيت آهي؟**
(A) ڪوهستان (B) ٿر (C) اتر سنڌ (D) انهن مان ڪوبه ناهي

17. **”چنڊ جا تمنائي“ جو ليکڪ ڪير آهي؟**
(A) علي دوست عاجز (B) آغا سليم (C) رسول ميمڻ (D) انهن مان ڪوبه ناهي

18. **هيٺين مان ڪهڙي صنف ۾ بحر وزن نه ٿيندو آهي؟**
(A) آزاد نظم (B) سانيٽ (C) نثري نظم (D) انهن مان ڪوبه ناهي

19. **ٻولين جي قدامت لسانيات جي ڪهڙي شاخ وسيلي بيان ڪئي ويندي آهي؟**
(A) تاريخي (B) بياني (C) صوتياتي (D) انهن مان ڪوبه ناهي

20. **”تنقيدون“ ڪتاب ڪنهن جي تصنيف آهي؟**
(A) رسول بخش پليجو (B) جامي چانڊيو (C) ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو (D) انهن مان ڪوبه ناهي

# PART-II

**NOTE:** **(i)** **Part-II** is to be attempted on the separate **Answer Book.**
**(ii)** Attempt **ONLY FOUR** questions from **PART-II.** Answer must be written in **respective language** except where specified in the question paper. **ALL** questions carry **EQUAL** marks.
**(iii)** All the parts (if any) of each Question must be attempted at one place instead of at different places.
**(iv)** Write Q. No. in the Answer Book in accordance with Q. No. in the Q.Paper.
**(v)** No Page/Space be left blank between the answers. All the blank pages of Answer Book must be crossed.
**(vi)** Extra attempt of any question or any part of the question will not be considered.

**سوال نمبر2:** سنڌي ٻوليءَ جا اهم ۽ مجيل لهجا ڪهڙا آهن؟. اوهان وچولي جي لهجي جي انفراديت ۽ معياري لهجي طور قبوليت بابت دليلن سان لکو . **(20)**

**سوال نمبر3:** سنڌي لوڪ ڪهاڻين ۾ موجود ڏند ڪٿائي عنصر تي روشني وجهو. ڪنهن به هڪ لوڪ ڪهاڻيءَ ۾ پيش ڪيل ڏند ڪٿا کي اڄ جي سماجي ۽ سياسي حالتن سان ڀيٽي، نتيجا پيش ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر4:** مزاحمتي ادب ڇا آهي. سنڌيءَ ۾ دودي چنيسر جي قصي کان وٺي موجوده دور تائين جاري رهندڙ مزاحمتي شاعريءَ جي روايت کي مثالن سان واضح ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر5:** سنڌي نثر نگاريءَ ۾ جي ايم سيد جي ادبي خدمتن تي نوٽ لکو. خاص طور سندس يادگيرين، شخصي خاڪن ۽ ادبي خطن وغيره جي اهميت ۽ افاديت کي مفصل نموني بيان ڪريو. **(20)**

**سوال نمبر6:** علي بابا جي ناول ”موهن جو دڙو“ ۾ سنڌي سماج جي ثقافتي گهڻ رنگائي ۽ حُسن کي ڪهڙيءَ ريت پيش ڪيو ويو آهي؟ **(20)**

**سوال نمبر7:** شيخ اياز، شاهه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ڪهڙين فني ۽ فڪري روايتن کي اڳتي وڌايو ۽ ڪهڙين نين ادبي روايتن جو بنياد وڌو؟ **(20)**

**سوال نمبر8:** **(a)** **هيٺ ڏنل سنڌيءَ ۾ لکيل پئراگراف جو انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪريو.** **(10)**

”شاهه لطيف پنهنجي شاعريءَ وسيلي هڪ آدرشي انسان جو تصور پيش ڪيو. هن بظاهر مختلف ڪردارن ۾ الڳ الڳ خوبين ۽ خاصيتن کي داخل ڪيو، پر جڏهن ماروئيءَ جي حب الوطني ۽ ويڙهيچن لاءِ تڙپ، سسئيءَ جي اڻ ٿڪ جدوجهد، سهڻيءَ جو پنهنجي مقصد ۽ محبوب لاءِ زندگي داءَ تي لڳائڻ، نوريءَ جي نماڻائي ۽ پوترتا، جهُڪاءُ، مومل جي ڏاهپ ۽ هوشياري ۽ ڪربلا ۾ وڙهندڙن جي بهادريءَ کي گڏ ڪجي ٿو، ته هڪ مضبوط، ٻي ڀي ۽ آدرشي انسان جو شاندار خاڪو جُڙي راس ٿئي ٿو. لطيف شاعريءَ کي ذريعي طور ڪتب آندو، دراصل هن پنهنجي سماج ۽ ماڻهن جي فڪري تربيت ۽ رهنمائي ڪئي آهي.“.

**(b)** **هيٺ ڏنل انگريزي پيراگراف جو سنڌي ۾ ترجمو ڪريو؟** **(10)** **(20)**

The attachment of Jats to their camels can be seen in terms of mesmerizing designs made on the body of camels that are captivatingly remarkable. The hair cut on the camel is so beautiful that it virtually looks like a piece of art. From a distance, it appears that a *relli*, patchwork appliqué, is placed on the camel. But when it approaches, one stands still to thoroughly mull over the design that is interestingly fashioned.

************